# فيضان امام علي رضا رحمة الله عليه

سنڌي

- سيد گهراڻي جون برڪتون
- زمين ۽ آسمان ۾ رضا
- امام علي رضا جون ڏهه ڪرامتون
- امام علي رضا جي علمي شان



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڙيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: فيضان امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
ڇاپو پهريون: رمضان 1444هه اپريل 2023ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# فيضان امام علي رضا رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:
ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

فيضان امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ............................ 1
درود شريف جي فضيلت ............................ 1
سيد گهراڻي جون برڪتون ............................ 2
ولادتِ باسعادت ............................ 4
زمين ۽ آسمان ۾ رضا ............................ 4
خواب ۾ ديدار مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ............................ 4
پيدا ٿيندي ئي دعا ............................ 5
شجري قادريه رضويه عطاريه ۾ ذڪر خير ............................ 5
عربي شجرو ............................ 6
سيرت مبارڪ ............................ 7
ثواب جو ڪم ڇو ڇڏيان؟ (واقعو) ............................ 7
”امام علي رضا“ جون ڏهه ڪرامتون ............................ 8
(1) دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي ............................ 8
(2) تيز هوا به تعظيم ڪئي ............................ 9
(3) سترهن ڪجورون ............................ 11
(4) مرڻ جي خبر ڏئي ڇڏي ............................ 12
(5) عربي زبان جو عطا ٿيڻ ............................ 12
(6) جهرڪي جي فرياد ٻڌي ورتي ............................ 13
(7) ٻه ٻار پيدا ٿيا ............................ 13
(8) نماز جي برڪت سان قرض جي ادائيگي ............................ 14

(9) جيئرو مئل جيان ٿي ويو ........................... 14
(10) وفات کان پهريان ٻڌائي ڇڏيو ........................ 15
علم داني ۽ فراست ........................... 15
عاجزي ڀري دعا ........................... 16
رازن ڀريا ڪتاب ........................... 16
آمنہ رملیہ بنتِ موسيٰ ڪاظم (رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡها) ..................... 17
اسان حرام قبول ناهيون ڪندا ........................... 17
غير سيّد پير ٿي سگهي ٿو؟ ........................... 18
مان شان بيان نٿو ڪري سگهان ........................... 19
اولاد مبارڪ ........................... 19
دفن ٿيڻ جي جڳهه بيان فرمائي ڇڏي ..................... 20
موت جي وقت خوراڪ ٻڌائي ڇڏي ........................ 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# فيضان امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

دعاءِ عطار: ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو” فيضان امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه “ پڙهي يا ٻڌي وني، ان کي صحابہ و اهلِ بيت جي محبت سان مالا مال فرماءِ ۽ والدين ۽ خاندان سميت ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيوالله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم ، ص 172، حديث: 912)

حضرت شيخ ابو عبدالله رصّاع رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: رحمت انعام کي چوندا آهن(هن روايت جو مطلب هي آهي تہ) الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ٻانهي کي مسلسل انعامن سان نوازيندو آهي. قاضي ابوعبدالله سڪّاڪي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله ڪريم جي ”هڪ رحمت“ دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا ۾ آهي ان کان بهتر آهي پوءِ توهان ان جي باري ۾ ڪهڙو خيال ڪيو ٿا جنهن کي الله پاڪ ڏهہ رحمتن سان نوازي، الله پاڪ ڏهہ رحمتن سبب ان ٻانهي تان ڪيتريون آفتون ۽ مصيبتون دور فرمائيندو ۽ انهن ڏهہ رحمتن سان ڪيتريون برڪتون حاصل ٿينديون. شيخ ابو عطاءُالله رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله ڪريم جنهن تي هڪ رحمت نازل فرمائيندو اها ان جي دنيا ۽ آخرت جي سڀ معاملن ۾ ڪفايت ڪندي تہ

جنهن تي ڏهه رحمتون نازل ٿين ان جو ڪهڙو عالم هوندو؟ (مطالع المسرات، ص 30)

رحمت دا دریا الٰہی ہر دم وگدا تیرا — جے اک قطرہ بخشے مینوں کم بن جاوے میرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيد گهراڻي جون برڪتون

خراسان جي مشهور شهر نيشاپور جي بازار ۾ هڪ حسين نوجوان جي آمد ٿي ته پردي جي سبب ديوانا زيارت کان محروم هئا. ٻن حديث جي حافظن سان گڏوگڏ بيشمار علم ۽ حديث جا طالبِ علم سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري التجائون ڪري رهيا هئا: ياسيدي! پنهنجو نوراني چهرو ڏيکاري ڪري پنهنجي ابن ڏاڏن سان روايت ڪيل هڪ حديث پاڪ اسان جي سامهون بيان ڪيو. سواري روڪي ڪري غلامن کي حڪم فرمايائون ته پردو هٽايو الله پاڪ جي مخلوق جون اکيون مبارڪ سندن جمال جي ديدار سان ٺڌيون ٿيون. سنتِ رسول جي حسين تصوير هئي، مبارڪ ڪلهن تي زلف لهرائي رهيا هئا. پردو هٽندي ئي خدا جي ٻانهن جي اها حالت ٿي جو ڪو رڙيون ڪرڻ لڳو، ڪو آهه و زاري ڪرڻ لڳو، ڪو مٽي ۾ ليٽڻ لڳو ته ڪو مبارڪ سواري جو کُر چمي پيو. ايتري ۾ عالم سڳورن آواز ڏنو. چپ ڪيو! سيئي ماٺهو ماٺ تي ويا. حافظِ حديث حضرت امام ابو ذُرَعہ رازي ۽ حضرت امام محمد بن اسلم طوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما حديث پاڪ روايت ڪرڻ جي عرض ڪئي: اهو حسين و جميل نوجوان خاندانِ نبوت جو چشم و چراغ، باغِ مرتضٰي جو گل ۽ سيده فاطمه زهرا جا شهزادا سلسلي قادريه رضويه

عطاريہ جا اناں پيرو مرشد حضرت امام علي رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هو رحمت جو دريا جوش ۾ آيو ۽ پاڻ حديث شريف بيان ڪرڻ شروع ڪئي:

حَدَّثَنِيْ اَبِيْ مُوْسَى الْكَاظِمِ عَنْ اَبِيْهِ جَعْفَرِ الصَّادِقِ عَنْ اَبِيْهِ مُحَمَّدِ الْبَاقِرِ عَنْ اَبِيْهِ زَيْنِ الْعَابِدِيْنَ عَنْ اَبِيْهِ الْحُسَيْنِ عَن اَبِيهِ عَلِيّ بْنِ اَبِيْ طَالِبٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ قَالَ حَدَّثَنِيْ حَبِيْبِيْ وَقُرَّةُ عَيْنِيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ حَدَّثَنِي جِبْرِيْلُ قَالَ سَمِعْتُ رَبَّ الْعِزَّةِ يَقُولُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ حِصْنِيْ فَمَنْ قَالَهَا دَخَلَ حِصْنِيْ وَمَنْ دَخَلَ حِصْنِيْ اَمِنَ مِنْ عَذَابِيْ

ترجمو: امام علي رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون کي منهنجي والدِ محترم امام موسٰي ڪاظم حديث بيان ڪئي، انهن پنهنجي والدِ محترم امام جعفر صادق کان، انهن پنهنجي والدِ محترم امام باقر کان، انهن پنهنجي والدِ محترم امام زين العابدين کان، انهن پنهنجي والدِ محترم امام حسين کان، انهن پنهنجي والدِ محترم امام علي بن ابي طالب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کان، پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي حبيب ۽ منهنجي اکين جي ٿڌاڻ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي حديث پاڪ بيان ڪئي تہ جبريل مون کي روايت بيان ڪئي تہ مون الله پاڪ کي فرمائيندي ٻڌو تہ " لَا اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ" منهنجو قلعو آهي، جنهن ان کي پڙهيو اهو منهنجي قلعي ۾ داخل ٿيو، منهنجي عذاب کان امان ۾ رهيو." اها حديث پاڪ بيان ڪندي ئي پردو ڇڏيو ويو ۽ حضرت امام علي رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تشريف وٺي ويا، هن حديث پاڪ کي لکڻ وارا ڳڻيا ويا تہ 20 هزارن کان وڌيڪ هئا

( الصواعق المحرقہ، ص 205)

ڪروڙين حنبلين جي عظيم پيشوا، حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: اها مبارڪ سند جيڪڏهن چريي تي پڙهي وڃي تہ ضرور ان

ڪي چرپائڻ ڪان شفا ملي. ( الصواعق المحرقہ، ص 205)

نام تیرا شہاہر مرض کے لیے
نام لیووں کو تیرے دوا ہو گیا

(قبالۂ بخشش، ص 72)

## ولادتِ باسعادت

حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي " سِيَرُاَعۡلَامِ النبلا "۾ ولادت شريف جو سال 148 ھ بيان ڪيو ويو آهي، انهيءَ سال سندن ڏاڏا سائين حضرت امام جعفر صادق رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو انتقال ٿيو. (سير اعلام النبلاء، 248/8) جڏهن ته ڪجھ ڪتابن ۾ سندن ولادت جو سال 153 ھ به آهي. (شواہد النبوۃ، ص 474) سندن نالو مبارڪ ”علي، ڪنيت ”ابوالحسن“ آهي. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جا لقب صابر، ذڪي(يعني سمجهدار) ۽ رضا آهي (تذکرہ مشائخِ قادریہ برکاتیہ ، ص 165) جڏهن ته هڪ لقب ضامن يعني ذميدار به آهي. (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص 382) چيو ويو آهي ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ڇهه، ست يا اٺ شوال المڪرم جو جمعي جي ڏينهن مديني پاڪ ۾ پيدا ٿيا. ( وفيات الاعيان،2/ 236)

## زمين ۽ آسمان ۾ رضا

”شَواهد النبوة“ ۾ آهي: حضرت ابي جعفر محمد بن علي رضا رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اللّٰه پاڪ سندن نالو مبارڪ ”الرضا“ رکيو ڇو ته اهي آسمانن ۾ اللّٰه پاڪ جي رضا هئا ۽ زمين ۾ اللّٰه جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا هئا. (شواہد النبوۃ،ص 474)

## خواب ۾ ديدار مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهجي امڙ سائڻ سندن ڏاڏي سائڻ حضرت بي بي حُمديده بَرَبَريہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها جي ٻانهي هئي، هڪ رات حضرت بيبي حُمديده بَرَبَريہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها

کي خواب ۾ الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي، ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: پنهنجي هن ٻانهيءَ کي پنهنجي پٽ موسيٰ ڪاظم جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيو. الله پاڪ هن مان هڪ زمين ۾ سڀ کان بهتر شخص کي پيدا ڪندو. (شواہد النبوة، ص 475)

## پيدا ٿيندي ئي دعا

سندن والده محترمہ فرمائن ٿيون: جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منهنجي پيٽ ۾ هئا ان وقت مون کي ڪنهن قسم جو بوجهہ محسوس نہ ٿيو ۽ سمهندي وقت مون کي پنهنجي پيٽ ۾ سُبْحٰنَ الله ۽ الله الله جي آواز ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. مون تي هڪ هيبت ڇانئجي ويندي هئي ۽ مان جاڳي پوندي هيس تہ ڪا آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندي هئي. جڏهن حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ولادت با سعادت ٿي تہ پاڻ پنهنجا مبارڪ هٿ زمين ۾ رکيا ۽ آسمان ڏانهن چهرو ڪيو ۽ چپ مبارڪ حرڪت ڪري رهيا، ائين لڳندو هو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪري رهيا آهن.
(مسالک السالکين ، 229/1)

## شجري قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪرِ خير

شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي روزانو پڙهڻ جي لاءِ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو جيڪو شجرو شريف عطا فرمايو آهي، ان ۾ حضرت امام موسيٰ ڪاظم، سندن صاحب زادي حضرت امام علي رضا ۽ سندن والِدِ محترم حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي وسيلي سان هيئن دعا ڪئي وئي آهي:

صِدقِ صادِق کا تَصَدُّق صادِقُ الْاِسْلام کر بے غَضَب راضی ہو کاظِم اور رضا کے واسطے

**الفاظ معنٰي:** صدق: سچ. صادق: سچو. تصدُّق: صدقو. صادق الاسلام: سچو مسلمان

**دعائيہ شعر جو مفهوم:** يا الله پاڪ! توکي حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُاللہِعَلَيْه جي سچائي جو واسطو! مون کي ايمان جي سلامتي عطا فرماءِ ۽ حضرت امام موسٰي ڪاظم ۽ انهن جي صاحبزادي حضرت امام علي رضا رَحْمَةُاللہِعَلَيْه جي صدقي بغير غضب فرمائي مون کان راضي ٿي وڃ.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بارگاهِ امام علي رضا ۾ اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللہِعَلَيْه عرض ڪن ٿا:

ضامن ثامن رِضا بر مَن نگاہے از رضا
خشم را شایانم و گویم رِضا امداد کن

(حدائقِ بخشش،ص 331)

اي اسان جا اٺان (8) امام ضامن يعني ضمانت فرمائڻ وارا! مون تي پنهنجي رِضا ۽ خوشنودي جي نگاهه فرمايو، مان ڇڙٻ جو مستحق آهيان پر مان اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو اي امام علي رضا! منهنجي مدد ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عربي شجرو

عظيم عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت، امام اهل سنت اعلٰي حضرت رَحْمَةُاللہِعَلَيْه هڪ ڏگهو عربي شجرو شريف، صيغي سان گڏ درود شريف تحرير فرمايو آهي، هن ۾ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُاللہِعَلَيْه جو ذڪر خير هن

طرح ڪن ٿا: ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيْهِ وَ عَلَيْهِمْ وَ عَلَى الْمَوْلَى السَّيِّدِ الْاِمَامِ عَلِيِ بْنِ مُوْسَى الرِّضَا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا“

ترجمو: اي الله پاڪ تون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سردار ۽ مولا امام علي بن موسٰي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما تي درود ۽ سلام موڪل ۽ انهن تي برڪت نازل فرماءِ. (تاريخِ و شرح شجرهٔ قادريه برڪاتيه رضويه ،ص 108)

تیری نسل پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا  تُو ہے عین نور تیرا سب گھرانہ نور کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب  صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيرت مبارڪ

حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت ذهين ۽ خوبصورت هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪثيرُالصَّوم(يعني زياده روزا رکڻ وارا) ۽ قليلُ النَّوم (يعني گهٽ سمهڻ وارا) هئا. رات جي انڌيري ۾ راهِ خدا ۾ خيرات ڪندا هئا. عاجزي ۽ سادگي جو اهو عالم هو جو گرمي جي موسم ۾ چٽائي تي ۽ سردي جي موسم ۾ ٽاٽ يا ڪمبل وغيره تي تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ غلام سان ويهي ڪري هڪ ئي دسترخوان تي کاڌو کائيندا هئا.
(تذڪره مشائخِ قادريه رضويه ، ص 166 ملتقطاً)

## ثواب جو ڪم چو ڇڏيان؟ (واقعو)

هڪ سپاهي جيڪو سندن ڪي سڃاڻيندو نه هو، ڪائنس ڪا خدمت وٺڻ لڳو، ايتري ۾ هڪ شخص جيڪو سندن کي سڃاڻيندو هو ان وڏي آواز سان سپاهي کي پڪاري چيو: اي شخص! تون هلاڪ ٿئين تون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شهزادي کان خدمت وٺين ٿو؟ جڏهن سپاهي کي سندن بلند شان جي خبر پئي ته قدمن ۾ ڪري معافي گهرندي عرض ڪرڻ لڳو: ياسيدي جڏهن مون اوهان کي خدمت ڪرڻ جو عرض ڪيو

هو تہ اوهان منع چو نہ فرمايو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت خوبصورت جواب ڏيندي ارشاد فرمايو: جنهن ڪم ۾ مون کي ثواب ملي مان اهو ڪم چو نہ ڪيان؟“ (تذڪره مشائخِ قادريہ رضويہ ، ص 166 ملخصاً)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت! اوهان امام پاڪ جي عاجزي ڏٺي؟ عظيم شان و شوڪت جي مالڪ هجڻ جي باوجود خدمت کان بہ نہ شرمايائون ۽ ڪيترو نہ خوبصورت جواب ڏنائون. ڪاش! اسان بہ ثواب حاصل ڪرڻ وارا ڪم ڪيون ۽ اهڙن ڪمن، ۽ اهڙين مجلسن کان بچون جيڪي نيڪيون ڏيارڻ وارن ڪمن کان محروم ڪن. اسان جي پياري پياري پيرو مرشد حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪوڙ ڪرامتون آهن. چند ڪرامتون امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون پڙهو ۽ پنهنجي دلين ۾ امام عالي مقام جي محبت وڌايو.

## ”امام علي رضا“ جون ڏهہ ڪرامتون

### (1) دل جي ڳالهہ ڄاڻي ورتي

ڪوفي جي رهندڙ هڪ شخص جو بيان آهي: جڏهن مان خراسان وڃڻ جي لاءِ ڪوفي کان ٻاهر نڪتس تہ منهنجي ڌيءَ مون کي هڪ بهترين ڪپڙو ڏيندي چيو: هن کي وڪڻي منهنجي لاءِ هڪ قيمتي پٿر وٺي اچجان. جڏهن مان مَرو نالي علائقي ۾ پهتس تہ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خادمن اچي مون کي فرمايو: اسان جو هڪ رفيق انتقال ڪري ويو آهي ان جي ڪفن جي لاءِ اهو ڪپڙو اسان کي وڪڻي ڇڏيو. مون چيو: مون وٽ ڪو ڪپڙو ناهي. اهو ٻڌي ڪري اهي هليا ويا پر ٿوري دير کان بعد وري آيا ۽ چوڻ لڳا: اسان جي آقا اوهان کي سلام ڏياري موڪليو آهي تہ اوهان وٽ هڪ ڪپڙو آهي جيڪو اوهان جي ڌيءَ اوهان کي ڏنو هو تہ جيئن اوهان ان کي وڪڻو ۽ ان جي لاءِ قيمتي

پٽر خريدي سگهو. اسان ان جي قيمت ڪٽي آيا آهيون. مون ڪپڙو ڏئي ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي دل ۾ سوچيو تہ ڪجھ مسئلا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇان ٿو، تہ ڪھڙو جواب ڏين ٿا، پوءِ مون ڪجھ مسئلا ڪاغذ تي لکي ڪري اڳين ڏينهن صبح سوير سندن عاليشان مڪان تي حاضر ٿيس، اتي تمام گهڻا ماڻھو جمع هئا پر ڪنهن جي ڪھڙي مجال جو اهو آساني سان ملاقات ڪري سگھي، مان حيران ۽ پريشان بيٺو هئس تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ خادم ٻاهر آيو ۽ منهنجو نالو وٺي ڪري هڪ ڪاغذ مون کي ڏئي ڪري چوڻ لڳو. اي فلاڻا! هي سوالن جا جواب آهن. جڏهن مون هن ڪاغذ کي کولي ڪري پڙهيو تہ اهي واقعي منهنجي سوالن جا جواب هئا. (شواهد النبوة، ص 484) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) تيز هوا بہ تعظيم ڪئي

حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت مبارڪ هئي تہ جڏهن خليفي مامون الرشيد جي گهر ملاقات جي لاءِ تشريف ڪٽي ويندا هئا تہ دروازي تي موجود خادمن جي پردو هٽائڻ جي ذميداري هوندي هئي، اهي سيئي ۽ ٻيا خادم پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو استقبال ڪندا هئا ۽ سلام عرض ڪندا هئا پوءِ پردو هٽائيندا هئا تہ جيئن سندن اندر اچي سگهن. جڏهن مامون الرشيد سندن بعد حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي گادي نشين مقرر ڪرڻ جي وصيت ڪئي تہ مامون جي آس پاس ويھڻ وارن مان ڪجھ ماڻھو اهڙا هئا جن کي اهو سنو نہ لڳو. هن سبب هُو معاذالله حضرت

امام علي رضا رَحْمَةُاللهِعَلَيْه سان چڙڻ لڳا. انهن ماڻهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ هاڻي جڏهن حضرت امام علي رضا رَحْمَةُاللهِعَلَيْه "خليفي" سان ملڻ ايندا تہ اسان منهن موڙي وٺنداسين ۽ دروازن جا پردا نہ کڻنداسين. هن ڳالهہ تي سڀئي متفق ٿي ويا اجا اهي هي مشورو ڪري وينا ئي هئا تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه تشريف کڻي آيا ۽ پنهنجي عادت جي مطابق ملاقات ڪرڻ جي لاءِ اندر اچڻ لڳا تہ انهن ماڻهن ڪي پنهنجي مشوري تي عمل ڪرڻ جي همت نہ ٿي سگهي جيئن تہ سڀئي اٿي بينا، استقبال ڪيو ۽ دروازي جا پردا بہ پهريان وانگر هٽايا جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اندر تشريف کڻي ويا تہ اهي هڪبئي کي ملامت ڪرڻ لڳا تہ توهان پنهنجي منصوبي ۽ مشوري تي عمل ڇونہ ڪيو. پوءِ اهو طئي ٿيو تہ هينئر جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو جيڪڏهن وري اچن تہ پوءِ لازمي اسان سيني کي پنهنجي مشوري تي عمل ڪرڻو آهي. جڏهن ٻئي ڏينهن پاڻ عادت موجب تشريف کڻي آيا تہ هن ڀيري اهي اٿي تہ بينا سلام بہ ڪيائون پر پردا نہ هٽايا، يڪدم تيز هوا هلي پئي ان پردن کي هٽائي ڇڏيو ۽ پاڻ اندر تشريف کڻي ويا پوءِ ٻاهر نڪرندي وقت بہ تيز هوا سندن لاءِ پردا هٽائي ڇڏيا. هاڻي هُو هڪ ٻئي جو منهن تڪيندي چوڻ لڳا "الله ڪريم جي ويجهو هن شخص جو وڏو مرتبو آهي ۽ ان جي هن تي وڏي مهرباني آهي، ڏسو تہ هوا ڪيئن آئي ۽ پاڻ اندر ويا تہ ڪيئن پردا هٽي ويا تنهنڪري پنهنجي مشورن کي ڇڏيو ۽ ٻيهر پنهنجي پنهنجي ديوٽي ڪندا ڪيو." (جامع ڪرامات اولياء،312/2) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) سترهن کجورون

هڪ شخص جو بيان آهي تہ مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت ڪئي، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي شهر تشريف ڪٽي آيا آهن ۽ جنهن مسجد ۾ حاجي رڪندا آهن اتي حاضر آهن. مون بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي ڪري سلام عرض ڪيو. **پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سامهون هڪ وڏي پليٽ موجود هئي. جنهن ۾ صَيحاني ڪجورون هيون. الله پاڪ جي پياري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **انهن** مان هڪ مٺ جيتريون ڪجورون مون کي عطا ڪيون. مون انهن کي ڳڻيو تہ اهي (17) ڪجورون هيون. مون اها تعبير ڪيڍي تہ منهنجي عمر هاڻي سترهن سال باقي آهي، هن واقعي جي ڪجھ ڏينهن کان بعد مون ٻڌو تہ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هن مسجد ۾ تشريف ڪٽي آيا آهن تہ مان يڪدم سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. مون سندن کي انهيءَ جڳھ تشريف فرمائيندي ڏٺو جتي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاضر ٿيا هئا. پاڻ وٽ بہ اهڙي طرح جو هڪ وڏو برتن موجود هو. مون اڳتي وڌي سلام عرض ڪيو تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه سلام جو جواب ڏئي ڪري مون کي پنهنجي ويجهو گهرائي ڪري هڪ مٺ ڪجورون عطا ڪيون مون انهن کي شمار ڪيو تہ اهي سترهن نڪتيون مون عرض ڪيو:"اي رسولُ الله جا شهزادا! مون کي تہ هن کان وڌيڪ ڪجورن جي طلب آهي. پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي هن کان وڌيڪ عطا فرمائن ها تہ مان بہ وڌيڪ ڏئي ڇڏيان ها. (جامع ڪرامات اولياء، 311/2) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دل کی جو بات جان لے روشن ضمیر ہے
اُس مردِ باصفا کو ہمارا اسلام ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4) مرڻ جي خبر ڏئي ڇڏي

حضرت امام علي رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ شخص کي ڏنو ته فرمايو: اي الله جا ٻانها جيڪو چاهين ٿو ان جي وصيت ڪر ۽ جنهن شيءِ (يعني موت) کان ڊڄي نٿو ان جي لاءِ تيار ٿي وڃ. هن ڳالهه کي ٽي ڏينهن مس گذريا هئا ته اهو شخص فوت ٿي ويو. (شواہد النبوة، ص 486)

## (5) عربي زبان جو عطا ٿيڻ

ابو اسماعيل سنڌي نالي شخص بيان ڪيو ته مان حضرت امام علي رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيس ته عربي جو ”اَلِف“ تائين نه ڄاڻندو هيس مون ڪيس سنڌي ۾ سلام ڪيو ته پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مون کي سنڌي ۾ ئي جواب ڏنو. ان کان بعد مون پنهنجي زبان ۾ ڪيئي سوال ڪيا پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سيني سوالن جا جواب منهنجي زبان ۾ ڏنائون. پوءِ مون واپس ٿيندي وقت عرض ڪيو: سائين! مان عربي نٿو ڄاڻان. اوهان دعا فرمايو ته مان عربي ڳالهائڻ سکي وڃان. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي چپن تي ڦيريو ته مان انهيءَ وقت عربي ۾ ڳالهائڻ لڳس. (شواہد النبوة، ص 487) الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (6) جهرڪي جي فرياد ٻڌي ورتي

هڪ شخص بيان ڪري ٿو ته: مان هڪ ڀيري حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان گڏ هڪ باغ ۾ گفتگو ڪري رهيو هيس ته اوچتو هڪ جهرڪي اچي زمين تي ڪري پئي ۽ پريشاني جي حالت ۾ آهه و زاري ڪرڻ لڳي. حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏسي ڪري فرمايو: اي شخص توکي خبر آهي ته هن جهرڪي ڇا چيو؟ مون عرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ رسول الله جي شهزادي ئي کي ان جو علم آهي. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمايائون: جهرڪي چوي ٿي ته ان جي گهر ۾ هڪ نانگ اچي ويو آهي جيڪو ان جي ٻارن کي کائڻ چاهي ٿو. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه مون کي فرمايو اٿ: ۽ ان نانگ کي هلاڪ ڪري ڇڏ. مان اٿيس ۽ وڃي ڏٺو ته واقعي نانگ ڦڻ ڪڍيو وينو هو. مون ان کي ڏسندي ئي لٺ کان هلاڪ ڪري ڇڏيو. (شواہد النبوة، ص 488)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (7) ٻه ٻار پيدا ٿيا

بڪر بن صالح چون ٿا: مان حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: منهنجي گهرواري اميد سان آهي، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪيو ته ڇوڪرو عطا ٿئي. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمايائون: ان جي پيٽ ۾ ٻه ٻار آهن. جڏهن اهي پيدا ٿين ته هڪ جو نالو محمد ٻئي جو نالو اُمِّ عمرو رکجان. بڪر بن صالح چون ٿا: مان ڪوفي اچي ويس. جيئن حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمايو هو ائين ئي مون وٽ ٻه ٻار

پيدا ٿيا. هڪ ڇوڪرو ٻي ڇوڪري، مون ڇوڪري جو نالو محمد رکيو ۽ ڇوڪريءَ جو نالو ” اُمِّ عمرو “ رکيو. (جامع کرامات اولياء، 313/2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (8) نماز جي برڪت سان قرض جي ادائيگي

خاندان نبوت جي گلشن جي مهڪندڙ گل حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هڪ ڀيري تمام گهڻا مقروض ٿي ويا. قرض خواهن تقاضو ڪيو ته پاڻ سيني قرض خواهن کي گهرايو ڇٽائي وڇائي ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا فرمائي پوءِ انهيءَ ڇٽائي جي هيٺان قرضدارن کي قرض ڏيڻ شروع ڪيو ته تقريباً 48 هزار دينار جو قرض ادا فرمايو. (مسالک السالکين، 232/1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (9) جيئرو مئل جيان ٿي ويو

هڪ ڀيري ڪجھ ماڻهو معاذالله امتحان وٺڻ جي بُري نيت سان هڪ زنده ماڻهو کي مئل ٻڌائي ڪري ڪٺي آيا ته جيئن پاڻ جنازي جي نماز پڙهائن . جڏهن پاڻ نماز پڙهائيندا ته مڙدو اٿي پوندو ۽ پاڻ شرمنده ٿيندا. جڏهن پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه نماز پڙهائي ڇڏي ۽ انهن منهن تان چادر هٽائي ته اُن شخص کي مئل حالت ۾ ڏٺائون ته پنهنجي اهڙي عمل تي شرمنده ٿيا آخرڪار روئي رڙي ڪري انهن پنهنجي مردي کي دفن ڪري ڇڏيو جڏهن ٽي ڏينهن گذريا ته پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه اُن مُردي جي قبر تي تشريف کڻي ويا ۽ فرمايائون: قُمْ بِاِذْنِ الله يعني الله پاڪ جي حڪم سان زنده ٿي وڃ. ته هُو انهي وقت زنده ٿي ويو. (مسالك السالکين، 1/ 232)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (10) وفات کان پهريان ٻڌائي ڇڏيو

هڪ صاحب بيان ڪري ٿو: مان ابو الحسن علي رضا رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه سان گڏ هيس ته خليفي هارون رشيد جو وزير ”خالد برڪمي“ اُتان ڪان گذريو. ڏوڙ مٽي جي سبب پنهنجو منهن رومال ۾ ويڙهي رکيو هو. حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه اُن ڪي ڏسي فرمايو: هي مسڪين ماڻهو نٿا ڄاڻين ته هن سال انهن ڪان ڇا ٿيڻ وارو آهي انهن جو ڪم جيڪو ٿيندو سو ٿيندو. پوءِ فرمايائون: هن ڪان وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه هي آهي ته مان ۽ هارون رشيد ٻن آڱرين وانگر آهيون. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه شهادت جي آڱر ۽ وچ واري آڱر ملائي ڪري ٻڌايو. هي واقعو بيان ڪرڻ وارا چون ٿا: خدا جو قسم! مون ڪي جناب علي رضا رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي هارون رشيد جي باري ۾ ڳالهه ان وقت سمجهه ۾ آئي جڏهن پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو وصال ٿيو ۽ کين هارون رشيد سان گڏ دفن ڪيو ويو. (جامع ڪرامات اولياء، 313/2)

اور جتنے ہیں شہزادے اس شاہ کے ان سب اہلِ مکانَت پہ لاکھوں سلام
اُن کی بالا شرافت پہ اعلیٰ درود ان کی والا سیادت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ص 314)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علم داني ۽ فراست

الله پاڪ حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي نهايت علمي شان ۽ شوڪت سان نوازيو هيو. پاڻ اڪثر سوال ۽ جواب قرآني آيتن مان ڏيندا هئا. ابراهيم بن عباس چون ٿا: مان سندن ڪان وڌو ڪو عالم نه ڏٺو. خليفو مامون الرشيد اڪثر امتحان جي طور تي پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کان سوال ڪندو هو ۽ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کيس تسلي بخش جواب عنايت فرمائيندا هئا. (تذڪره مشائخِ قادريه رضويه ، ص 166) چيو وڃي ٿو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪروڙين مالڪين جي عظيم پيشوا، امام مالڪ جي زماني ۾ جواني ۾ فتاويٰ يعني شرعي مسئلن جا جواب ڏيندا هئا. (سير اعلام النبلاء، 248/8) مامون الرشيد کين نهايت احترام جي نگاهه سان ڏسندو هو انهي ڪري پاڻ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح سندن سان ڪرائي ڇڏيو. ( الصواعق المحرقه، ص 204)

## عاجزي پري دعا

اَبو صَلْت چون ٿا: مون حضرت علي بن موسي ڪاظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي موقف وٽ هي دعا ڪندي ٻڌو: اي الله پاڪ! جيئن تو مون کي پنهنجي رحمت جي چادر ۾ لڪايو جنهن کي مان نٿو ڄاڻان ايئن ئي تون مون کي بخشي ڇڏ جيڪو تون ڄاڻين ٿو ۽ جيئن تو مون کي وسيع علم سان نوازيو آهي ايئن ئي مون کي پنهنجي وسيع عفو سان نواز، ۽ جيئن تو پنهنجي معرفت ۽ سڃاڻپ فرمائي ڪري بُزرگي ڏني ايئن ئي تون ان سان گڏ پنهنجي مغفرت ﺑﻪ ملائي ڇڏ اي ذوالجلال والاڪرام!. (سير اعلام النبلاء، 249/8)

## رازن پريا ڪتاب

حضرت علامہ سيّد شريف جُرجاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرخدا جا ٻہ ڪتاب جفر ۽ جامعہ [1] آهن، پاڻ انهن ٻنهي ڪتابن ۾ عِلمُ الحروف جي انداز ۾ دنيا جي ختم ٿيڻ تائين جيترا واقعا ٿيڻ وارا آهن سيئي بيان فرمائي ڇڏيا. سندن اولاد پاڪ مان مشهور امام هنن ڪتابن جا راز ڄاڻيندا ۽ هن مان احڪام بيان ڪندا آهن جيئن تہ مامون الرشيد جڏهن حضرت امام علي رضا بن امام موسيٰ ڪاظم(رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما) کي پاڻ کان بعد خليفو مقرر ڪرڻ جو خلافت نامو لکيو تہ امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي قبول ڪندي جوابي خط ۾ لکيو: توهان اسان جو حق سڃاتو، انهي ڪري مان توهان جي خلافت قبول ڪريان ٿو، پر جفر ۽ جامعہ ٻڌائي ٿو تہ هي ڪم مڪمل نہ ٿيندو.(جيئن تہ ايئن ئي ٿيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مامون الرشيد جي حيات ۾ ئي شهادت ماڻي.) ( شرح مواقف، 6 /23)

---

[1](اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جفر بيشڪ نهايت نفيس جائز فن آهي، حضرتِ اهلبيت ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو علم آهي اميرالمؤمنين مولي علي رَضِيَ اللهُ عَنْه پنهنجي خواص تي ان جو اظهار فرمايو ۽ حضرت سيّدنا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي لکت ۾ آندو، ڪتاب مستطاب جفر جامع تصنيف فرمائي. حضرت علامہ سيّد شريف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شرح مواقف ۾ فرمائن ٿا امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جامع ۾ ماڪان ومايڪون تحرير فرمايو. (فتاويٰ رضويہ، 697/23))

## آمنہ رمليہ بنتِ موسيٰ ڪاظم (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! اهلبيت نبوت جو هيءُ مبارڪ خاندان ڪرامتن ۽ ولايت جو سرچشمو هيو. جيئن تہ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڀيڻ حضرت آمنہ رمليہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جي خدمت سراپا عظمت ۾ حنبلين جي عظيم پيشوا حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذريعي دعا جي درخواست ڪئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا هن طرح دعا ڪئي: ياالله پاڪ! بشر حافي ۽ احمد بن حنبل(رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما) کي جهنم جي عذاب کان اَمان ڏي. امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ انهيءَ رات هڪ پرچو آسمان مان اسان جي گهر ۾ اچي ڪِريو جنهن ۾ بسم الله کان بعد هيءَ لکيل هيو تہ"**اسان بشر حافي ۽ احمد بن حنبل کي دوزخ جي عذاب کان امان ڏئي ڇڏي آهي ۽ اسان وٽ هنن ٻنهي لاءِ اجان بہ نعمتون آهن.**" (جامع كرامات اولياء، 384/1ملخصاً)

الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسان حرام قبول ناهيون ڪندا

حضرت علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت بيبي آمنہ بنت امام موسي ڪاظم (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا) جي قبر شريف وٽ رات جي وقت قرآن جي تلاوت جو آواز ايندو هيو. هڪ ڀيري هڪ شخص دربار جي خادم وٽ ڪجهہ زيتون جو تيل کڻي آيو ۽ خادم کان عهد ورتو تہ هي سڄو تيل هڪ ئي رات ۾ ٻاري ڇڏجو، خادم شمعدان ۾ تيل وڌو ۽ ٻارڻ شروع ڪيو پر ٻاهہ نہ ٻري، خادم تمام گهڻو حيران ٿيو، سُتو تہ حضرت بيبي آمنہ بنت سيّدنا امام موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا خواب ۾ تشريف کڻي آئي ارشاد فرمايائون: ان کي تيل واپس ڪري ڇڏيو ڇوتہ اسان صرف پاڪ ۽ حلال مال قبول ڪندا آهيون، اُن کان پڇو

ته هي تيل ڪٿان آندو اٿس؟ صبح ٿي ته خادم تيل آڻڻ واري وٽ پهتو ۽ ان کي چيائين: پنهنجو تيل واپس وٺو، اهو چوڻ لڳو ڇو؟ خادم جواب ڏنو: ان کي باھ نٿي ساڙي ۽ حضرت بيبي آمنہ بنت امام موسيٰ ڪاظم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهَا مون کي خواب ۾ حڪم فرمايو آهي ته اسان صرف پاڪ مال ئي قبول ڪندا آهيون تيل آڻڻ واري خادم کي چيو: حضرت بيبي آمنہ بنت سيدنا امام موسيٰ ڪاظم(رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهَا) صحيح فرمائن ٿيون، مان ڪاهن(يعني جنن کان پڇي ڪري خبرون ڏيڻ وارو) آهيان، پوءِ اهو تيل ڪٺي هليو ويو. (جامع كرامات اولياء ، 384/1 ملخصاً)

## غير سيّد پير ٿي سگهي ٿو؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهو هي خيال ڪن ٿا ته صرف آل رسول يعني سيد سڳورا ئي پير ٿي سگهن ٿا، غير سيّد پير نٿا ٿي سگهن. هي خيال درست ناهي. منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهل سُنت رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه فرمائن ٿا: (پير هجڻ جي لاءِ سيّد ۽ آل رسول هجڻ کي ضروري سمجهڻ) هي محض باطل آهي، پير هجڻ جي لاءِ اهي ئي چار شرط [1] درڪار آهن، سيّد سڳورن مان هجڻ ڪجھ ضروري ناهي. ها! هنن شرطن سان گڏ سيد ۾ به هجي ته نور علي نور. باقي ان کي شرط ضروري قرار ڏيڻ تمام طريقت جي سلسلن کي باطل ڪرڻ آهي. سلسله عاليہ قادريہ جي سنهري سلسلي ۾ سيّدنا امام علي رضارَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه ۽ حضور سيّدنا غوث اعظم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جي درميان جيترا به حضرات آهن، ڪوبہ سيد سڳورن مان ناهي ۽ سلسله عاليہ چشتيہ ۾ ته امير المؤمنين مولٰي علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان بعد ئي امام

---

(1)[1] صحيح العقيده سُني هجي. (2) ايترو علم رکندو هجي جو پنهنجي ضروريات جا مسئلا ڪتابن مان ڪيڍي سگهي. (3) فاسق معلن نہ هجي(هڪ گناهِ ڪبيره ڪرڻ وارو يا گناهِ صغيره تي اصرار ڪرڻ وارو يعني ٽي يا هن کان وڌيڪ ڀيرا ڪرڻ وارو يا صغيره کي صغيره سمجهي ڪري هڪ ڀيرو ڪرڻ وارو فاسق هوندو آهي ۽ جيڪڏهن علي الاعلان ڪري ته فاسق معلن آهي (4) هن جو سلسلو بيعت نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تائين متصل (يعني مليل هجي. (فتاویٰ رضويہ ، 603/21)

حسن بصري(رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) آهن هُو نہ سيد آهن نہ قريشي نہ عربي ۽ سلسلو عاليہ نقشبنديہ جو خاص آغاز ئي حضور سيدنا صديق اکبر رَضِيَ اللهُ عَنۡه سان آهي، انهي طرح ٻيا سلسلہ. (فتاویٰ رضويہ، 576/26)

ملا سلسلہ قادری فضلِ رب سے          میں ہوں کس قدر بختور غوثِ اعظم

اي عاشقان امام علي رضا! الله پاڪ حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي وڏي مقبوليت عطا فرمائي آهي. سندن نيڪي جي دعوت سان بيشمار ڪافر مسلمان ٿيا. سلسلہ قادريہ جي عظيم بُزرگ ۽ سندن خليفي حضرت سيدنا معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن ئي جي دعوت تي مسلمان ٿيا ۽ آسمانِ ولايت جا روشن ستارا بڻجي چمڪيا. (شرح شجرهٔ قادريہ رضويہ عطاريہ، ص 64)

## مان شان بيان نٿو ڪري سگهان

عرب جي مشهور شاعر ابو نواس کي ڪنهن چيو تہ توهان حضرت امام موسيٰ ڪاظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي شهزادي حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي باري ۾ ڪجھ شعر چو نہ ٿا لکو؟ ابو نواس پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شان ۾ ڪجھ تعريفي شعر پيش ڪندي عرض ڪيو:

قُلْتُ لَا اَسْتَطِيْعُ مَدْحَ اِمامٍ          كَانَ جِبْرِيْلُ خَادِماً لِاَبِيْهِ

يعني مان حضرت امام علي رضا رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي شان ۽ عظمت ڪيئن ٿو بيان ڪري سگهان جڏهن تہ ملائڪن جا سردار حضرت جبرائيل سندن والد محترم(يعني اسان جي پياري آقاصَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا خادم آهن. (وفيات الاعيان،237/2)

## اولاد مبارڪ

پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جا پنج صاحبزاده ۽ هڪ صاحبزادي هئي. انهن جا مبارڪ نالا هي آهن: حضرت امام تقي، حضرت جعفر، حضرت حسن، حضرت حسين، حضرت ابراهيم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِم ۽ هڪ شهزادي جو مبارڪ نالو عائشہ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهَا هيو.
(مسالک السالکين،235/1)

## دفن ٿيڻ جي جڳهه بيان فرمائي ڇڏي

هڪ شخص جو بيان آهي: مون حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مديني پاڪ ۾ ڏٺو. مسجد ۾ هارون الّرشيد خطبو ڏئي رهيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: مون کي ۽ هن(هارون) کي توهان ڏسندؤ تہ هڪ ئي گهر ۾ اسان ٻئي دفن ڪيا ويندا سين. اهڙي طرح هڪ ڀيري هارون الرشيد مسجد حرام جي هڪ دروازي سان ٻاهر آيو ۽ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻئي دروازي کان تشريف کڻي آيا تہ فرمايائون: اي اهي شخص! جيڪي گهر جي اعتبار سان مون کان پري آهيو پر منهنجي تنهنجي ملاقات جي جڳهه هڪ ئي آهي. بيشڪ طوس مون کي ۽ توکي ٻنهي کي جمع ڪري ڇڏيندي. (جامع کرامات اوليا،312/2)

## موت جي وقت خوراڪ ٻڌائي ڇڏي

اهلِ بيت نبوت جا چشم و چراغ حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ فرمايو ته مان موت کان پهريان انگور کائيندس. پوءِ ائين ٿيو. ڪجهه روايتن مطابق 21 رمضان المبارڪ 203 هجري 55 سالن جي عمر ۾ حضرت امام علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رضا کي انگورن ۾ زهر ملائي ڏنو ويو جنهن سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شهادت واقع ٿي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف مشهد مقدس نالي مقام تي ايران ۾ آهي.


(تہذيب الكمال ، 152/21۔تذکرہ مشائخِ قادریہ رضویہ، ص175 )

جس مسلماں نے دیکھا اُنہیں اِک نظر

اس نظر کی بَصارت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net